سنت مالا
١٦٧١-١٦٧٢

فبروري، ٢٠١١

شري سکمنيءَ صاحب

جو سِنيهو

(٢٧)

٦ رپيا

واسواڻي

وشيہ سوُچيِ

سمرپن

سنڌي فقير نانڪ يوسف

جي ڪمل چرنن ۾!

هن فقير کي گرو نانڪ ديو جن واسطي عجيب شرڌا هئي. جڏهن امرتسر دربار ۾ اچي هن سر جهڪايو، تڏهن سک پوڄاري، سک ڀڳت هنکي ڏسي گڏ گڏ ٿيا. ۽ درٻار جي آسيس وٺي هي فقير پياريءَ سنڌ ڏي موٽيو!

پرستاونا

”شريِ سڪمنيِ صاحب“ هڪ مهاپرش، گرو اَرجن ديو جن جي ٻاڻيءَ مان نڪتل آهي. گرو اَرجن ديو ڪوئِي هوءِ پريوءَ جو ڀڳت هو؛ ءِ مٿس اَهڙِي آسيس ٿي جو هڪ سياڳي ڏينهن شهيد ٿيو. پنهنجِي جيون سموريِ هن پياري، نام مٿان قربان ڪئِي. صدي بہ صديِ، هن پياري جي اَمر جيون جو آواز وريِ وريِ پيو اُٿي، هن وقت بہ پيو اَسانکي پڪاري:- ”مئن قربانيِ! مئن قربانيِ!“

گرو اَرجن ديو سيني گرن ۾ پهريون هو جنهن پنهنجِي جيون سائينءَ مٿان قربان ڪئِي. سر ڏيئِي سرهو ٿيو! هن پياري جيِ شريِ سڪمنيِ صاحب نہ فقط سکن واسطي آهي، پر ساري جهان واسطي هڪ اَمولڪ خزانو آهي. هڪ موقعي تي مون چيو تہ ”شريِ سڪمني صاحب هڪ ساگر آهي جنهن اَندر ڪيترائيِ نرمل، سندر، چمڪندڙ، قيمتيِ موتي پيا آهن.“ تن مان ڪي ڪڍي، هن ننڍڙي پستڪ ۾، مان پاٺڪن اڳيان رکان ٿو. هڪ هڪ موتيِ، هڪ هڪ ويچار، هڪ هڪ سوُتر ڪئن نہ پيو چمڪي! چڱ تہ شريِ سڪمنيِ صاحب بجليءَ جو گهر آهي،

هن اَنڪ ۾ ڪيل آهي. هزارين سک ۽ هزارين هندو پنجاب ۾ ۽ سنڌ ۾ سکمنِي صاحب جو پاٺ پريات جو ڪندا آهن. اِهو پاٺ ڪئن نہ دليون صاف ڪري ٿو، دک ۾ آٿت ڏئي ٿو ۽ سک ۾ نئون اُتساه ڦوُڪي ٿو.

هِي پستڪ اِڪ پڳتِي شاستر آهي. هڪ سانتيڪي تپوبن ۾، هڪ ڍنڍ نزديڪ، ويهِي گرو اَرجن ديو لکيو.

اڪبر بادشاه جي هڪ وزير جنهن جو نالو هو وزير خان، اُنکي هِي شاستر ايترو تہ وڻيو جو مانِي نہ کائيندو هو، جيستائين هن شاستر جو پاٺ نہ ٻڌندو هو. شرِي سکمنِي صاحب جي اکرن ۾ الائي ڇا آهي جو دل کي ڇڪي ٿو! مان ولايت ويس تہ پاڻ سان گيتا ۽ سکمني صاحب کڻِي ويس. اِنهن ٻنهي پستڪن جو پاٺ ڪندو آهيان تہ اِئين سمجهندو آهيان تہ هڪ روحاني وايو منڊل ۾ آهيان. ۽ جڏهن تہ طوفان ڪانپوءِ مينهن پوي تہ دل کي راحت ڏئي، تئن سکمنِي صاحب جو پاٺ دل کي سانت ۾ آڻي.

سرب ڌرم مهہ، سريشٽ ڌرم
هر ڪو نام جپ، نرمل ڪرم

کهڙا نہ سندر اکر! شرِي اَرجن ديو ٻڌائي ٿو تہ سين ۾ اُتم ڌرم جون نشانيون کهڙيون آهن:- (١) نام جو سمرن؛ ۽ (٢) نرمل ڪرم. اِنهن ٻن ۾ آهہ ڌرم جي ڳجهارت،- نام ڳايو ۽ شڀ ڪرم ڪريو. پريوءَ کي ياد ڪريو ۽ دکين جي شيوا ڪريو!

اِن آدرش جي ساکِي گرو اَرجن ديو پنهنجي زندگيءَ

جنهن مان عجيب روشني پيئي نڪري؛ ۽ ڪئن نہ پري پري پيئي پهچي! سنڌين ۽ پنجابين واسطي هي پستڪ ڪونهي: پر ساري جهان واسطي هي عجيب شاستر آهي!

گيتا ۽ سکمني ٻہ اهڙا پستڪ آهن جي مونکي پرم پيارا آهن. مان شري سکمني صاحب کي تہ چوندو آهيان ''ڀڳتيءِ گيتا، ڀڳتيءَ جو شاستر، ڀڳتيءَ جو گيت. شري ڪرشن جو مڌر منو آواز پيو پڪاري شريمد ڀڳوت گيتا ۾: شري اَرجن ديو جنجو مڌر منو آواز پيو ڳائي شري سکمني صاحب ۾! اِن مڌر مني آواز منهنجو من کي موهيو آهہ!

ڪيترا سال ٿيا جڏهن مان سنڌ ۾ هوس: تڏهن سنڌ ڪاليج جي پريزيڊنٽ، جو اُن وقت جو سنڌ جو ڪمشنر هو، مونکان سوال پڇيو تہ ''سنڌ ڪاليج واسطي جيڪر مان ڪهڙو پستڪ چاهيان تہ شاگرد پڙهن، جو پڙهي، پنهنجون دليون صاف ڪن، غريبن دکين جا شيوڪ ٿين ۽ پنهنجي ملڪ جا ڳهڙا پرين؟''

اِن سوال جي جواب ۾ مون پنهنجي خط ۾ لکيو تہ ''جيڪر سنڌ ڪاليج ۾ ۽ سيني ڪاليجن ۾، سيني اِسڪولن ۾ هيءَ مني نرمل ٻاڻي، شري سکمني صاحب سڀ وديارٿي ۽ سڀ اَڌياپڪ پڙهن، سمجهن، ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ اَڀياس ڪن.''

'' سکمني صاحب'' جي ڪن وڏيڪ سوُترن جو ذڪر

(۲٦٩)

سنگہ کر

هينئر اَشٽپدي (۲) جو پهاڙيءَ جو پد اَچو تہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. اُن ۾ گروجن ڇا ٿا چون؟

هَرِ ڪي ڀڳتِ مُڪتِ بهُہ ڪري
نانڪ جَنَ سَنگِہ ڪيتي تَرِي
(۲- ۷-۵)

”هر ڪي ڀڳت“: هريءَ جي ڀڳتي، پريوءَ جي ڀڳتي آهي وڏي شڪتي. پريوءَ جي ڀڳتي ڇا ٿي ڪري؟ گروجن ٻڌائين ٿا. ”بهہ“ معنيٰ ڪيترا، گهڻيئي. پريوءَ جي ڀڳتيءَ ڪري گهڻن کي ئي مڪتي ملي آهي. جي ڀڳتيءَ وارا آهن. سي مڪتي پراپت ڪن ٿا. سي پرم منزل وچي ٿا پائين. ڀڳتيءَ وارو معنيٰ پيار وارو. جنهن کي آهي عشق الله جو، سو مڪتيءَ جي پرم منزل وچي ٿو پائي.

گروجن سکيا ڏين ٿا، پريوءَ لئہ پيار رکو. پر لڪل خزاني وانگر. اِن پيار کي دل جي اَندر ڇپايو. ڦڙ ڦڙ نہ ڪريو. چپن سان اِئين نہ چئو تہ مون کي پريوءَ لئہ پيار آهي. هي پيار، هڪ ڳوڙهو خزانو؛ دل جي اَندر لڪل رکو. پيار رکو

۾ ڏني. گروجن غريبن جي شيوا ڪئي ۽ نام جي ساکيءَ ۾ پنهنجي جيون قربان ڪئي. گروجن واڍڪو هنر همٿايو. ڪيڏي نہ قرب ۾ واڍا ۽ ڪسان گروجن جي شيوا ڪري گد گد ٿيا ٿي! هڪ سال جڏهن ڏڪار پيو، تڏهن گرو اَرجن ديو اَڪبر بادشاھ کي مليو ۽ بادشاھ تي زور لڳايائين تہ غريبن تي ڍلون سڀ معاف ڪريو.

گرو اَرجن ديو جن دکين جي شيوا ۾ پنهنجا پران قربان ڪيا. بابا فريد پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ لکي ٿو تہ ”جڳہ سارو تتل آهي. گهر گهر جي ڪڏ تان بيهي ڏسان ٿو تہ جڳہ سارو پيو جلي!“ دنيا جو اِهو هڪ روپ آهي. گرو اَرجن ديو جن چيو تہ ”دنيا سندر آهہ: پر منجهس هڪ باغ آهي جنهن ۾ ڪندا آهن. پر جن تي ڏٽيءَ جي مهر آهي، سي سائينءَ کي نٿا وسارين. اُهي ڏسن ٿا تہ پرٿوي پريوءَ جي آهہ، جيتوڻيڪ پرٿويءَ تي دکہ درد آهي. اَفسوس! ڪي ٿورا آهن، جي پريوءَ کي پيار ڏين ٿا، پر اُهي ٿورا پروڙين ٿا تہ هن زندگيءَ ۾ سائينءَ جي جوت پيئي جاڳي.“

شل ڪي پاٺڪ سڪمني صاحب ڏي وڌيڪ وڌيڪ ڇڪجن! اَفسوس! جڳہ سارو پيو جلي: نام بنا ٻيو ڇا آهہ، جو هن تتل دنيا کي سيتل ڪري؟

واسواڻي

اِشارو ڏنو ڪري.

”پنهنجي عاشق کي تنگيءَ ۾ اُڇلائي ٿو.“

هي فقير اِهي اکر پريوءَ کي ٿو چوي. سنت زنون اِهي اکر ٻڌي ٿو، ۽ چوي ٿو. هن فقير کي، اُنهن اَکرن جو ترجمو مون هيئن ڪيو آهي:

”تنگيءَ جو جنهن کي ڏکُ آهي، سو نہ پيارا عاشق ناهہ!“

۽ وڏيڪ هيءَ سنت هن فقير هي کي ٻہ چوي ٿو:

”جو پيار پنهنجو پڌرو ٿو ڪري، سو نہ محبوب کان آهہ پري!“

بس، اِهي اَکر هي سنت نماڻو چوي ٿو. اَهڙيءَ نئڙت ۾ اِهي اَکر چوي ٿو، جو هن فقير جي دل ۾ گهڙِي وڃن ٿا. پريوءَ کان معافي گهري ٿو ۽ اُن ڏينهن کان وٺِي هي فقير پريوءَ لئہ پيارو ويو لڪائيندو. اُن ڏينهن کان وٺِي هن فقير کي پروڙ پيئي نہ سچِي ڀڳتي لڪل آهي.

گروجن ٻڌائين ٿا نہ اِها ڀڳتِي جا لڪل رهي ٿي، اُن بابت لکيل آهي هڪ اُپنشد ۾. رشيءَ کان پڇي ٿو ڀڳت: ”ڪٿي ڀڳتِي لڪايان؟“ رشِي چوي ٿو: ”دل جي غفا ۾ ڀڳتِي لڪاءِ!“ جو اَهڙو سچو ڀڳت دل جي غفا ۾ پيار لڪائي ٿو، سو مکتيءَ جي منزل تي اَچي ٿو. گروجن چون ٿا: جن کي لڪل ڀڳتِي آهي، ڦل اِڇا اُنهن سموري ڦٽِي ڪئِي آهي ۽ تنهن ڪري اَهڙن پيارن کي پرم پدوي ملي ٿِي. سامِي جن هڪ شلوڪ ۾

پنهنجي محبوب واسطي، پر اُن پيار کي زبان تي نہ آڻيو. لڪل رکو دل ۾، پيار کي publicity نہ ڏيو. پر سانتيڪي نموني سائينءَ واسطي دل جي اَندر پيار رکو. پيار، جو محبوب لئہ آهي، لوڪن کي ڇو ٻڌايون، ديکا ديکِي ڇو ڪريون؟ اَهڙِي سچِي پڳتِي ديکان ديکيءَ بنا ڪريون جنهن جِي ساکِي اکين ۾، جنهن جِي ساکِي جيون ۾، نہ اَکرن ۾ ڏيو. سو گروجن چون ٿا، پرم منزل پراپت ڪري ٿو.

مون کي خبر ناهي تہ توهان هڪ سنت جو نالو ٻڌو آهي يا نہ،- زنون. زنون هڪ صوفي سنت ٿِي گذريو آهي. هندستان کان ٻاهر هن جو جنم ٿيو. هن جي ٻاڻِي عجيب آهي. اُن ٻاڻيءَ جو ٿورو ترجمو اَنگريزيءَ ۾ بہ ٿيل آهي. هن سنت بابت هڪ ننڍي ڳالهہ مون پڙهِي. هِي زنون سنت ٻڌي ٿو تہ هڪ صوفِي فقير آهي. چوي ٿو تہ مان هن فقير جو درشن ڪريان. هن زنون سنت جِي منزل اوُچِي آهي. پر سچو سنت سکيو آهي ٻئي جي اَڳيان سِر نمائڻ. سو هِي سنت زنون وڃي ٿو هن صوفِي فقير کي ملڻ. ۽ هِي جڏهن وڃي ٿو اُن فقير کي ملڻ، تڏهن هن سنت کي خبر پوي ٿِي تہ هيءَ صوفِي فقير ڏاڍِي تنگيءَ ۾ آهي. هن کي کاڌو پيتو نٿو ملي. ۽ هِي سنت چوي ٿو، هن فقير جِي وڃِي لڪل طرح شيوا ڪريان. سو هن کي ملي ٿو ۽ ۽ صوفي فقير ڇا ٿو چوي؟ جي اَکر مون سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هن طرح ترجمو ڪيا آهن. تڪليف ۾ آهي ۽ پنهنجي تڪليف ڏي

تنهنجو اِيمان رهي!“ گرديو ۾ صدق، وشواس: جنهن کي اِهو مليو آهي، اُن سچ سچاتو آهي.

”تنهنجو خط کاتو، واريو ڏرم نواس ۾.“

کهڙا نہ منا اَکر! خط کاتو معنيٰ لکپڙهہ. جت حساب ڪتاب آهي، اُت لکپڙهہ. پر جنهن کي صدق آهي، جنهن سچ آهي سچاتو، اُن سپاڳي جي حالت کهڙي؟ اُن جو حساب ڪتاب وڃي ٿو ڏرم کنڊ ۾. اُن کي قل اِچا کانهي. ڏرم کنڊ ۾ ڇو ٿو وڃي؟ ڏرم گنڊ ۾ آهي پريو پاڻ. پريوءَ جي چرنن ۾ اُن جو حساب ڪتاب رهي ٿو. اُن جي ڪرمن جو قل وڃي ٿو پريوءَ جي چرنن ۾ ۽ اُن پياري کي مکتي ملي ٿي. اُن جو سڀ حساب ڪتاب سنگر جي چرنن ۾ ۽ اُن پياري کي پرم منزل ملي ٿي.

هينئر اَچي ٿي پڇاڙيءَ جي ست:

”نانڪ جَن سنگہ ڪيتي تَري“ (۲-۷-۵)

تڏهن گرديو! اَءِ سنت سچا! اَهڙيءَ منيءَ طرح اَسان تي ٻڌايو ٿا، اَسان سين جي اَندر پياس تہ اَسان سين کي مکتي منزل ملي. ٻڌايو تہ اَسان کي ڪئن ملي؟ گرديو! اَسان کي ٻڌايو: اَسين تہ گنهگار. ڪيڏا نہ اَسين ڏوهہ ڪريون ٿا. ڪريان ڏوهہ ڏهاڙي، ڪين ڪئي اتم ڪا تياري! گرديو ٻڌايو. منهنجا ڪوٽي ڪوٽي پاپ، گناهن جي ڳنڙي روز روز پيئي يرجي، ٻڌايو تہ مونکي مکتي ڪئن ملي؟ گرديو اُميد جو جواب ڏين ٿا. گروجن چون ٿا مون کي: ”پيارا! توکي جي مکتي کپي تہ

اِن ڳالھہ ڏي اِشارو ڪن ٿا:

”سڀ ڪنھين پاتو، ڪيو ڪيتو پنھنجو“

اَسين معمولي ماڻھو، اَسان مان ھڪ ھڪ ڪي ڦل ملي ٿو. اَسان مان ھڪ ھڪ کي ڦل اِڇا آھي. ۽ اَسين اِھا ڦل اِڇا نتا ڦٽي ڪريون پر ھڪ ھڪ کي پنھنجو ڪيتو ملي ٿو.

”ڪوڙين ۾ ڪو ھڪڙو، ھَر جن رنگہ راتو!“

سامِي جن چون ٿا. پر ڪروڙن ۾ ڪو ھڪڙو، جو ڪيچ ڪين گھري، فقط پريو پاڻ، تن جو سنگہ، تن جا ڪمل چرن. سامِي چوي ٿو: ڪروڙن ۾ ڪو اَھڙو مس ملي، اَھڙو ھرِي جَن، جو رنگہ ۾ رتل آھي.

”سامِي گر ويساھ سان، جنھن سچ سڃاتو“

اَھڙو ڪو ورلي ملي، جيڪو سچ سڃاڻي ٿو. ڦل جي جنھن کي اِڇا ناھي. ڦل اَکر جي معنيٰ، سنسڪرت اَکرن ۾ آھي ڦاڻ. ڦل اُھو جو ڦاٽي. سرڳہ لوڪ جو ڦل بہ ڦاٽي ٿو. ڦل اُھو جو آھي ناسونت. پيارا! ناسونت پدارٿ ڇو ٿا توھين چاھيو؟ گھرو محبوب کان نام، گھرو سندس ڪمل چرنن جو سنگہ. سامِي چوي ٿو: جنھن پنھنجي گروءَ ۾ ويساھ رکيو آھي، اِيمان رکيو آھي، اُن سچ سڃاتو آھي.

فقير درويش وٽ ڪيترائِي ويندا ھئا ۽ پڇندا ھئا: ”سائين! سکيا ڏيو!“ فقير ھڪ سٽ ۾ سکيا ڏيندو ھو. گھڻو وقت سانت ۾ گذاريندو ھو. ھڪ ھڪ کي چوندو ھو: ”پيارا! شل

(٢٧٠)

پارجات

اَشٽپدي اَکر جي معنيٰ ئِي آهي ٨ پد. جنهن ۾ ٨ پد هجن. هينئر ٨ پد اَچي ٿو. پوءِ نئين پؤڙِي شروع ٿيندي. هن ٨ پد، پچاڙيءَ جي پد ۾، سنت ڇا ٿا چون؟ گروجن کهڙي سکيا ڏين ٿا. ٻڌو.

”پارجات اِهُ هَرکو نام،
کام ڏينَ هَر هَر گُڻ گام“ ٢-٨-١

هيءَ پچاڙيءَ جي پؤڙِي ٽن پاڱن ۾ ورهايل آهي. پهريون پاڱو، اُن ۾ گروجن ڇا ٿا ٻڌائين؟ تہ پرم سکہ، پرم آنند، پرم سڱنڌ اَٿو هرِي نام. پهرئين پاڱي جي پهرين تک ۾ گروجن چون ٿا: پارجات اِهُ هرکو نام!“ هرکو نام، هريءَ جو نالو پارجات آهي. سچو پارجات آهي هريءَ جو نالو. پر توهين چوندا، اَسين اَچا ڳالهہ نٿا سمجهون.

تڏهن سوال اُٿي ٿو تہ پارجات ڇا آهي؟ پارجات هڪ سنسڪرت اکر آهي. پار+جات. جات ۾ جميل، اُپريل، پاڙ، دنيا جِي پاڙ. پارجات معنيٰ جيڪي جميو دنيا جي پاڙ. ڇا جميو؟

گناهن جو خيال نہ ڪر. ڪنهن ستپرڪہ جو سنگہ ڪر. هر جَن جو سنگہ ڪر. اَهڙن پيارن جي سنگہ ۾ ڪيترائيِ تريِ پار پون ٿا. منهنجيِ دل صاف ڪونهي. گروجن چون ٿا: پيارا! دلگير نہ ٿيءُ، پر ڪنهن ستپرڪہ جو سنگہ ڪر. اُن سنگہ مان توتي لڳندو رنگہ. پوءِ تون بہ رتل رهندين هريِ رنگہ ۾. تون بہ تريِ پوندين پار!

ڪان سورڳ ۾ لوڪ مان وڻي آيو ۽ دوارڪا ۾ اَچي رکيائين. دوارڪا ۾ ڪيڏي نہ سڳنڌ ۽ سوُنهن. ستپرڪ ڏين ٿا نگر کي سڳنڌ ۽ سوُنهن. جنهن نگر کي هڪ بہ سترپڪ نٿو ملي، اُهو نگر ويران. اِن ڪري جيڪڏهن ڪو نگر شهر ناهيو، وڇو ڪنهن ستپرڪ جي ڳولا ۾. پوءِ نگر ٻڌو. نگر جو بنياد رکو ستپرڪ. اَڄڪلهہ ستپرڪن کي پٽر لڳن. گروجن چون ٿا: اِهو سڳنڌ وارو گل اَتو هرِي نام. شري ڪرشن جڏهن پنهنجو سرير ڇڏي وڃي ٿو پنهنجي ڌام ۾، تڏهن هي پارجات گل بہ اِندر لوڪ ۾ موڪلي ٿو. ڪرشن ڪانسواءِ ڪهڙي سڳنڌ؟

تڏهن مطلب ڇا آهي؟ اَوهان کي سچي سڳنڌ ڪپي ۽ جي توهان کي طلب آهي lavender لئہ طلب نہ رکو، پر سچيءَ سوُنهن ۽ سڳنڌ واسطي طلب رکو ۽ هرِي نام ڳايو. ڏسو، اَوهان جي جيون ۾ ڪيڏي نہ سڳنڌ اَچي ٿي ۽ ڪٿي ڪٿي نہ پکڙجي وڃي ٿي. جڏهن ڪو ڀڳت هريءَ جو نام ٿو ڳائي، اُن جو مُنهن پيو چمڪي. اُن پياري منجهان سڳنڌ اَچي ٿي. اَوهين بہ نام ڳايو تہ توهان جي جيون بہ سڳنڌ وارِي ٿئي.

اُن ڪانپوءِ اَچي ٿي ٻي سٽ:

”ڪام ڏينَ هَر هَر گُڻ گام“ (۲-۸-۱)

گام معنيٰ گيت. تڏهن گروجن ٻيءَ تڪ ۾ ڇا ٿا چون؟ هرِي نام اَتو، هريءَ جا گڻ ڳائڻ، هريءَ جو نام اُچارڻ اَتو ڪام ڏين.“ ڪام ڏين ڇا آهي؟ ڪام ڏين بہ آئي ساگر مان. سمنڊ

اِڪ وڻ جو نالو آهي پارجات ۽ اُن وڻ جي گلن کي ڪوٺين پارجات.
اِهو ورڪ آهي سُورڳ لوڪ ۾. اِهو وڻ آهي اِندر لوڪ ۾.

سمنڊ کي ويهي ديوتائن وِلوڙيو. اِها ڳالهه لکيل آهي پُراڻن ۾. سمنڊ کي ولوڙي ولوڙي ديوتائن ڏٺو ته اِن سمنڊ منجهان، ولوڙڻ ڪانپوءِ عجيب شيون آيون،- رتن، ماڻڪ موتي. هڪ شيءِ نڪتي اُهو هڪ وڻ، اُن وِرڪ جو نالو پارجات. اِهو هڪ وڻ عجيب آهي ۽ اِن وڻ جا گُل، پشپ، ديوتائن چيو، رکون تا اِندر لوڪ ۾، بهشت ۾. پارجات وِرڪ جا پشپ، اُن کي به ڪوٺين پارجات. اُن گُل جون ڪي خاصيتون آهن. اِهو وڻ پيو چمڪي عجيب سوُنهن ۾! گلابي گل ڪان به وڌيڪ عجيب سونهن. (۱) هڪ گُڻ هن گُل جو آهي سوُنهن. (۲) ٻي خاصيت هن گل جي هيءَ اَٿو. اَڪثر ڏٺو ويو آهي ته جن گلن ۾ سونهن گهٽي ته سڳنڌ گهٽ. اِنسان ذات ۾ به اِئين ڏٺو ويو آهي ته ڪنهن کي سوُنهن ڏاڍي، پر اُن جيون ۾ سڳنڌ گهٽ. پر هي پارجات، اُن جي سوُنهن عجيب ۽ سڳنڌ ڪجيب.

گروجن چون تا: پيارا! اِهو پارجات، جنهن جو ذڪر پُراڻن ۾ پڙهو تا، اِهو پشپ گُل اَٿو هريءَ جو نالو. پُراڻن ۾ جا ڳالهه لکيل آهي، سا ڳالهه سچي اَٿو هري نام بابت. اَوهان کي اِهو گل کپي؟ اِهو گل اَٿو هري نام. هري نام اَٿو سندر پشپ، جنهن ۾ سڳنڌ سمايل آهه.

لکيل آهي هڪ پُراڻ ۾ ته پارجات ڦل شري ڪرشن اِندر

ٿا. پيارا! تڏهن تون ڇو پيو ڀٽڪين؟ هرِي نام اَٿيئي ڪام ڏين. هرِي نام ڳاءِ تہ تنهنجا ڪارج سڀ سڌ ٿين. ڪام ڏين آهي Fullfiller of all desires . جيڪا توهان جي منشا هجي، سا پوُرِي ڪير ڪري؟ هرِي نام. ڪام ڏين بابت ڪي بيون بہ ڳالهيون لکيل آهن، پر اُنهن جو ذڪر ڪين ڪندس. اُها ڪام ڏين ڳانءِ جڏهن سمنڊ مان آئِي، تڏهن اُها هڪ رشيءَ ڪنئِي، رشِي وششٽ.

گروجن چون ٿا: تون بہ ڳانءِ وٺ. ساگر کي وِلوڙڻ مان اها ڳانءِ اَچي ٿِي. وچِي پنهنجي دل جو ساگر وِلوڙ. اَندر وچي ڏيان ڪر. ڏيان جي چڪر سان وچِي دل جي درياه کي وِلوڙ تہ توکي ملندو هرِي، پريو پاڻ. اُن پريوءَ ڪان جيڪِي گهرندين، سو ڏيندو. پر پريو توکي ملندو ڪيئن؟ اَندر وچِي وِلوڙ. دل جي اوُنهائيءَ اَندر تون وڃ. اِڪ ڏينهن توکي پريو ملندو پاڻ. پوءِ تہ تون آهين شاهن جو شاه. فقير درويش تن کي ڪپي ڪِي ڪين، ڇو تہ فقيرن درويشن دل جي دزياه کي وِلوڙي وِلوڙي پريوءَ کي پاتو آهي.

مان هڪ ڳالهه آئي. جنهن جو نالو آهي ڪام ڌين. اُها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اُن کان جيڪي گهرو، اُوهان کي ملي.

اِئين لکيل آهي پُراڻن ۾. پُراڻن ۾ سندر ڳالهيون لکيل آهن. ڪام ڌين آهي اُها ڳالهه، جا توهان جا منورٿ پورا ڪري ٿي. جيڪي توهين گهروس، سو ڏئي،- Milk cow.

ڪيترا سال ٿيا، اُن وقت ڪراچي ڪاليج جو پرنسپل هڪ اَنگريز هو،- ڊاڪٽر جئڪهن. مان اُن جو هميشه شڪر گذار آهيان. ڊاڪٽر جئڪسن سائنس ۾ ڏاڍو هوشيار هوندو هو. وڏو ودوان. اَهڙو ودوان سنڌ ڪاليج کي ڪو ورلي مليو هوندو. هڪ ٻيو پروفيسر به هوشيار هو. اُهو به ودوان هو. اُهو هو هسٽري ۽ Economics جو پروفيسر. مان تن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ شاگرد هوس. ڪاليج مئگزن ڪولپائون تہ مون کي چيائون: تون اُهو پيپر هلاءِ. مان ويس پرنسپال وٽ ۽ مون چيومانس: پئسي جي ضرورت آهي. اَخبار ڪڍڻ لاءِ پئسو کپي. مون کي چيائين تہ هڪ ڳالهہ ٻڌ: تون ڪام ڌين کان وڃي گهر. مان پيو چوان: ڪام ڌين وري ڇا آهي؟ چيائين: Milk cow. مون چيومانس: اُها ڪهڙي ڳالهه؟ مون کي چيائين: سنڌ ۾ هڪ ماڻهو اَتيئي ڪام ڌين، اُن کان جيڪي گهرندين، سو توکي ڏيندو. مون چيومانس: اُهو ڪير؟ چيائين: ديوان ڏيارام. اُهو اَتيئي سنڌ جو ڪام ڌين ۽ اُن پياري هر طرح مدد ڪئي. تڏهن ڪام ڌين آهي اُها ڳالهه، جنهن کان جيڪي گهر، سو ڏئي. گروجن چون

سنت پرتاپ، ڏُرتُ سَپ نسئيَ ٢-٨-٣

تو پڇيو نام ڪٿي آهي؟ نام اَتيئي لڪل سنتن جي هردي ۾. سنتن جي مهر سان پاپ ناس ٿي وڃن. تو پڇيو، پيارا! نام ڪٿي آهي؟ تنهنجي دل اَندر اَتيئي نام، پر اَسان جي دلين ۾ پردا آهن وڪارن جا، ويسر جا، پاپن جا پردا چڙهيل آهن. اِنهيءَ ڪري اَسين ڪين پَسون ٿا نام. اَسين جيڪڏهن ڳوليون، اَسين ڪيترا نه وڪار ڏسون ٿا پنهنجي اَندر. پاپن جا پردا اَسان ۾ پريتم جي وچ ۾. گروجن چون ٿا، پر دلگير نه ٿيءُ. سنتن جي ڪرپا سان پاپن جا پردا پري ٿين ٿا. گهوُنگهٽ پري ڪريو، تڏهن توهين ڏسندا پريوءَ کي. هن وقت اَسان جي طاقت گهٽ آهي. اُهي اَسان جا وڪار پري ٿين، تنهن لاءِ ضروري آهي، ته ڪو ستپرک نهاري. سنتن جي هڪ نهار وڪار پري ڪري سگهي.

تڏهن سوال اُٿي ٿو: گرديو! مان ڇا ڪريان، جئن اِهي وڪار پري ٿين؟ وڃي ڪنهن ستپرک کي ڳولهي لهه. اُن جي چرنن ۾ ويهه. اُن جو سنگ ڪر. سنگ سان گڏ سيوا ڪر. سنگ تڏهن سڦل ٿيندو، جڏهن شيوا ڪندين. پهرين کوجنا ڪر. اِنهيءَ لاءِ پياس کپي. کوجنا ڪانپوءِ سنت جو سنگ ڪر. اُن ڪانپوءِ اُن جي شيوا ڪر. هڪ ڏينهن سنت توتي راضي ٿي تنهنجي آرسيءَ جو سٽيپ لاهيندو ۽ تون به پريوءَ جو درشن ڪندين.

سنت ڪا سنگ، وڏڀاڳي پائيئي
سنت ڪي شيوا، نام ڏيائيئيءِ (٣-٨-۴)

(۱۷۲)

نام نہ وساريو

پوءِ وڏيڪ اَکر اَچن ٿا:-

سڀ تي اوتم هرڪي ڪٿا
نام سُنَت درد دکہ لٿا ۲-۸-۲

نام سڻڻ سان سڀ دکہ درد لهي وڃن. هرِ نام سڀن ۾ اُتم آهي. اِت پهريون ڀاڱو پورو ٿئي ٿو ۽ ٻيو ڀاڱو شروع ٿئي ٿو.

نام سُنَت درد دکہ لٿا

سوال اُٿي ٿو، اِهو نام، جو دکہ درد لاهي ٿو، اُهو نام اَسان کي بہ ڪٿي. هن مايا چار ۾ گرديو! اَسين بہ تلاشي آهيون. ڪٿي وڃِي نام ڳوليون؟ گرديو ٻڌايو. هِي نام، جنهن جي اُچارڻ ڪري دکہ درد لهي ٿو، ڪٿي وڃِي ڳولين؟ ٻڌو گروجن چون ٿا:

نام سُنَت درد دکہ لٿا

پيارا! توکي نام ڪٿي؟ نام اَٿيئي لڪل. نام وچِي لڪو اَٿيئي. سنتن جي هردي ۾ پريوءَ وچِي لڪايو آهي، چو تہ پريو آهي نماڻو، نمرتا جو سروپ آهي پريو. ديکا ديکِي ڪين جاڻي.

نام کي مهما سنت رِد وَسئي

موڄ پونديِ هئس، تڏهن ڪنهن نہ ڪنهن ستسنگيءَ جي گهر ويندو هو. ڏينهن جي مانيءَ تي ويندو هو. بکيو ڪين هو. هن کي اوباريل پٽاٽا وڻندا هئا.

هڪ ڏينهن وچي ٿو هڪ ستسنگيءَ جي گهر. چونس ٿا، پوڄن ويهي کائو. چوي ٿو، مان کائي آيو آهيان. پوءِ ويهِي اُنهن سان ڳالهيون ڪري. دنيوي ماڻهن وانگر چوندو هو، ”پٽاٽن جو اَگهہ گهٽيو. ڪٽڪ جو اَگهہ گهٽيو. پڇاڙيءَ ۾ اُٿندو هو. چوندو هون سُکيِ رهو، نام جپيو. روز روز ڪن نہ ڪن کي گڏجندو هو ۽ اُنهن کي آسيس ڏيندو هو.

پر ڪي ماڻهو آهن، هن جي برخلاف هڪ پارٽيِ نهي ٿيِ. هن لاءِ ڪيتريون ڪوُڙيون ڳالهيون ڦهلائين ٿا. هڪ ڳالهہ هن لاءِ چون ٿا تہ هيِ ڪوُڙو آهي. هيِ بڌي تہ چوي آسيس. هڪ ڏينهن هيِ ڪِنا ماڻهو هڪ وئشيا کي پئسا ڏيئي چون ٿا تہ تون هن جي دريءَ وٽ وڃي روز بيهہ، جئن ماڻهو سمجهن تہ هيِ ڪِنو ماڻهو آهي. پر هيِ ساڌو پيو روئي، پريوءَ کي چوي، پريو! هنن کي معاف ڪر. نيٺ ڪوُڙ ڪوُڙ ٿئي ٿو. ماڻهن کي خبر پوي ٿيِ سچ جيِ.

ڳوٺ ڳوٺ مان ماڻهو پوءِ اَچن ٿا. پوءِ چون ٿا، سائين! هڪ منٿ ڏيو. پوءِ ستسنگہ هلائي ٿو. ڪيترا چاهين تہ اَسين جيڪر هن جي سنمکہ ويهون. هن پياري جون اَکيون سدائين بند يا اَڌ اَکيون بند آهن. جڏهن اَکيون کولي، تڏهن ڇا ڏسن؟ روشنيِ

تون وڏياڳيِ. اُهو وڏياڳيِ جنهن کي سنت جو سنگ مليءَ سنگ ڪري شيوا پائي. جڏهن طالبو سنگ ڪري ٿو، تڏهن کيس خبر پوي ٿي تہ نام ڪيئن جپجي. نام جيِ مهما اَٿيئي لکل سنتن جي هردي ۾. سنت بہ پاڻ کي لڪائين. ڏسو، اَسانکي ديکا ديکيءَ لئہ پياس آهي. پر سنت لڪائين. سنتن جي هردي ۾ نام لکل آهي، چو تہ اُهي پاڻ کي لکل رکن ٿا.

دنيويِ ماڻهن جو رُخ ڦريل آهي. اَسين معموليِ ماڻهو، اَسان کي ديکا ديکي کپي. سنت پريوءَ جا پيارا، اِنهن ڳالهين کان پري آهن. اُنهن جو آنند آهي اَندر، نہ ٻاهرين ڳالهين ۾. سنتن جي جيون ۾ آنند آهي. هيِ پئسو پدارٿ، اَسين چئون اَسان کي کپي. پر سنت چاهين تہ اَسين لکل رهون.

اَهڙي هڪ سنت بابت مون پڙهيو. مون گروءَ جو شلوڪ پئي پڙهيو. ڪي سال اَڳي مون پڙهيو ٿورو ڪجھہ، اُن بابت ٻڌايان ٿو. هن سنت کي ڪونيندا هئا ساڌو. ڳوٺ ۾ رهندو هو. ڳوناٽو ساڌو ڳوٺ ۾ اَچي ٿو. سانتيکي نموني ۾ اَچيِ اِن ڳوٺ ۾ پهچي ٿو. چاهي ٿو سانت ۾ ستسنگ هلايان. من کي ڪجي اَچن. ٿورا ڪپڙا اَٿس. کيس هڪ نماڻي ٽڪاڻي ۾ رهائين ٿا. رات ٿئي، پريوءَ کي ياد ڪري.

هن جي پڇاڙيءَ جا ٣٠ سال ننڊ ڦٽيِ پيئيِ. پر هيِ پريوءَ جو پيارو چوندو هو، جئن سائين جيِ مرضيِ. ٣ يا ٤ ڪلاڪ ننڊ اِينديِ هئس. رات جو ويهي نام ڳايئندو هوءَ ڏينهن جو جڏهن

(٢٧٢)

ٻگنڍيون چوڙ

پڇاڙيءَ جي تڪن ۾ گروجن چا ٿا چون؟
نامَ تُل، ڪڇ اَوُرُ نہ هوءِ
نانڪ گُرمکہ نام پاوئي جَنُ ڪوءِ (٢-٨-٥)

ڪنهن ستپرکہ جو سنگہ ڪريو تہ اِڪ ڏينهن توهين سڪندا نام. گروجن چون ٿا، نام جو خزانو، نام جهڙو خزانو ٻيو ڪجھ ڪين آهي. پريو ملي ٿو ڪنهن وِرلي کي. وِرلي وِرلي ڪو اَهڙو سُڄان، اَهڙو سڄاڳہ، جو هِي نام جو خزانو وٺي ٿو سنتن در. نام جو خزانو ڪو وِرلي وٺي ٿو. ”نامَ تُل“ تُل معنيٰ برابر. ٻيو ڪجھ بہ نام جي برابر ڪونهي. پر اَسين نام وٺڻ واسطي يتن نٿا ڪريون.

نانڪ گُرمکہ نام پاوئي جَن ڪوءِ ٢-٨-٥

اَهڙو گرمکہ ڪو ورلي ملي ٿو، جو گروءَ جي سنگہ ۾ رهي، گروءَ جي مُکہ مان منتر ٻڌي پنهنجو جنم سڦل ڪري.

اَچو پياري ستسنگيو! تہ هن کي وڌيڪ سمجهڻ جِي ڪوشش ڪريون. ڪو اَهڙو ورلي، جو نام پدارٿ واسطي پورو يتن ڪري. اِهو نام پدارٿ ڪٿان ٿو ملي؟ ٿي ٻگنڊيون چُڙڻ کپن. جڏهن اِهي ٿي ٻگنڊيون چُڙن، تڏهن نام ملي. پر چوڙي ڪير؟ ڪو

هن جي اَڪين ۾. ڪيترا هن ڏي چڪيا.

ٿورو ڪائيندو هو. پٽاٽا ۽ مانيِ. چوندو هو، ٿورو ڪائو ۽ نام جپيو. پوءِ ڪمزور ٿيندو وڃي ٿو. هڪ ڏينهن در تان نڪري ٿو، ڪِري پوي ٿو. ۴ دفعا ڪِرِي پوي ٿو. نيٺ هن جا ستسنگِي هن کي ڪٽِي وڃن ٿا. بيمار ٿِي پوي ٿو. حشام ماڻهن جا اَچن ٿا. چو تہ هنن سمجهيو تہ ڏينهن هيِ رهندو ٿورو. ڪنهن کي ڪين موٽائي درشن لاءِ. هڪ ڏينهن مينهن پوي ٿو ۽ هيِ پيارو ٻاهر هلي وهي ٿو. اُن وقت ڇا ٿا ڏسن؟ هن جي سرير ۾ چمڪو. سرير ڇڏڻ کان اڳ هن کان پڇن ٿا تہ آخرين سکيا ڏيو. مشڪِي مشڪِي هن چيو تہ نام نہ وساريو. لکل رهو.

۸ پوڙِيءَ جو تاتپرج اَٿو، ”نام نہ وساريو“.

سمجهي ويٺو آهين. مان سرير آهيان، مان بدن آهيان. اَسان مان هڪ هڪ بُت پرست آهي. محمد صاحب چئي ويو، جيڪو بُت پرست آهي، اُهو پرپوءَ ڪان پري آهي. جو پاڻ کي پرپوءَ ڪان پري تو سمجهي، اُهو بُت پرست آهي. I am the body.

(۲) اِها پهرين ڳنڍ، پر ٻي ڳنڍ بہ آهي. اُن پهرين ڳنڍ کي چون برهماجي ڳنڍ، پر مان اِن ڳالهہ ۾ ڪين ويندس. ٻي ڳنڍ هيءَ تہ اَسين ڪيترو نہ پاڻ کي ٻرشنائن ۾ ڪيرايون ٿا. ٽُرڳون پيا.- هيءَ شيءِ کپي، هوءَ شيءِ کپي.

(۳) ٽين ڳنڍ هيءَ تہ مان دکي آهيان يان خوش آهيان. ڪيترا دفعا مان چوان، مان دکي آهيان. پيارا! تون وري دکي ڇا جو؟ تون تہ آهين آتم: پوءِ پاڻ کي دکي ڇو ٿو سمجهين؟

سنت راڪرشن پرمهنس بيمار ٿيو. کهڙي نہ بيماري هن کي لڳي.- ڪئنسر جي بيماري، نڙيءَ جي ڪئنسر. اُن وقت ساڌو هيرانند هو حيدرآباد ۾. کيس خبر ملي تہ ڪلڪتي جو سنت، دڪشنيشور جو سنت، سنت رامڪرشن بيمار آهي. ساڌو هيرانند ٻڌي ٿو. ساڌو هيرانند ڪلڪتي ۾ هن سنت جي شيوا ڪندو هو. نئڙت ۾ وڃي پيروُن ڏيندو هو. ساڌو هيرانند تار ڪري ٿو تہ مان يڪدم ڪلڪتي ۾ اَچان ٿو. اَڄ رات هتان چڙهان ٿو. سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي ساڌو هيرانند وڃي ٿو. ساڌو هيرانند کي سنت ڏسي ٿو ۽ چويس ٿو، پيارا! تون آيو آهين. سنڌ مان کهي آيو آهين. ساڌو هيرانند پرسان وهي ٿو. سنت

شڪتيءَ وارو، ڪو ستپرک، ڪو سنت، جو اَچي اِهي ٻُنڍيون چوڙي. سنسڪرت ۾ ٻنڍ کي اَکر آهي گرنٿ ۽ اُپنشد ۾ لکيل آهي تہ جڏهن گرنٿ، ٻنڍيون وڇن ٿيون، تڏهن اَمر پد پراپت ٿئي ٿو.

ٻنڍ واسطي مون اَکر چيو گرنٿ ۽ پستڪ جو اَسان سڀن کي پيارو آهي، اُن جو نالو آهي گرو گرنٿ صاحب. گرو گرنٿ صاحب جي سکيا ڪهڙي؟ ٻنڍيون چوڙيو، پوءِ نام ۾ پنهجي جيون ٻڌو. نام جي ٻنڍ ۾ پاڻ کي ٻَڌو. پر اُن کان اَڳي ٻنڍيون چوڙيو. جڏهن مکيہ ٽي ٻنڍيون ڇُڙن ٿيون، تڏهن اُهو سڀاڳو تيار ٿئي ٿو نام واسطي. اُهو سڀاڳو گرو گرنٿ صاحب جي تصوير ٿِي پوي ٿو. مها منزل کي پهچي ٿو.

تڏهن سوال اُٿي ٿو تہ اِهي ٽي ٻنڍيون ڪهڙيون آهن؟ اُنهن جو ذڪر رشين جي ٻاڻيءَ ۽ سنتن جي ٻاڻيءَ ۾ ٿيل آهي. ويچار ڪريو، اَسان مان هڪ هڪ ٻنڍ ۾ قاتل آهي. اُها ڪهڙي ٻنڍ؟ (١) اُها ٻنڍ جنهن ۾ اَسين پاڻ کي ٻَڌون ٿا. جڏهن سمجهون ٿا تہ آتما سرير آهي. اَسان جي روز بروز جي زندگي ڏسون ٿا تہ اَسين پاڻ کي سرير پيا سمجهون. هن سرير، هن جسم کي چڱيءَ طرح رکڻ لئہ ڪيڏو نہ وقت ڏيون ٿا، پر ستسنگ لئہ چئون، وقت ئِي ڪونهي. پيارا! تون روز پوڄن ڪرين ٿو، صحت سنڀالين ٿو، پئسا رکين ٿو، محفلن لئہ وقت، دوستن يارن لئہ وقت، پر ستسنگ لئہ توکي وقت ئِي ڪونهي. اِها پهرين ٻنڍ تہ پيارا! تون پاڻ کي سرير

(٢٧٣)

نام کي پڪڙ

من ڪامنا تيرٿ ديهه ڇُٽيءَ
گرب گمان نہ من تي هُٽيءَ (٣-٣-١)

مون کي ءَ اوهان کي هن تينءَ پوڙيءَ ۾ گروجن ڪهڙي سکيا ڏين ٿا.- اَچو تہ مختصر معنيٰ سمجهون.

من ڪامنا تيرٿ ديهه ڇُٽيءَ

من ڪامنا، من جي اِڇا: ڪيترن کي اِها ڪامنا ٿيندي آهي تہ جيڪر اَسان جو سرير ڪنهن تيرٿ آستان تي ڇُٽي. اَسين جيڪر پنهنجا پران وڃي گنگا ڪناري ڪاشيءَ ۾ ڏيون. اَهڙي ڀاونا اَڄڪلهہ ڪيترن کي آهي. گروجن جي ڏينهن ۾ بہ اِئين هو. هن وقت بہ ڪيترا برندابن ۾ وڃن ٿا يا گنگا جيءَ تي وڃن ٿا يا ڪاشيءَ ۾ وڃن ٿا تہ اَسان جا پران اُتي ڇُٽن.

منهنجا پيارا ڀاءُ! گروجن چون ٿا: اِئين ڪري ٿئي بہ، تون پنهنجو سرير ڪري تيرٿ آستان تي ڇڏين: اِها ڪا وڏي ڳالهہ آهي ڇا؟ ڪاشيءَ ۾ مون پاڻ ڏٺا اهڙا ڪيترا ماڻهو.

ڪي گهٽِي تڪليف آهي. تڏهن ساڌو هيرانند سهي نٿو سگهي ۽ چويس ٿو: هي ءُ سوال پڇي ٿو تہ سائين! سنت توهين، توهان ڪي ايڏو دک؟ شري رامڪرشن چوي ٿو: پيارا هيرانند! مان دکي ڪين آهيان. منهنجي سرير کي سوُر آهي. رامڪرشن ٻُڌيون ڪپيون پنهنجي جيون ۾.

مان چوان، مان دکي، وري چوان خوش آهيان. اڙ موُر ڪہ! تون وري خوش ڪٿان ٿيئين؟ تنهنجو سرير خوشيءَ ۾ اَچِي ويو آهي. هڪ هڪ خوشيءَ ۾ اَٽيئي دُکہ جو ٻج.

ٻي ڳنڍِ تڏهن هيءَ چوڙائٽِي آهي تہ مان نڪو دکِي، نڪو سکِي. منهنجو سکہ آهي تہ مان پنهنجو آتم سڃاڻان.

ٽين ڳنڍِ، پر اِها ڳنڍِ ڏاڍِي مشڪل آهي. اِها ٽين ڳنڍِ ڇا آهي؟ من جي ڳنڍِ. مان! مان! هي ڪم مون ڪيو. هيءَ شيوا مون ڪئي. هي پراُپڪار مان ٿو ڪريان. هي ڪاڏو پيتو مان وينو ڪريان غريبن لئہ. ”مان مان“ جي ڳنڍ ڇڙڻ ڏاڍِي مشڪل آهي، پر اِها ڇڙڻ ڪپي.

پياري ستسنگيو! جڏهن اِهي ٽي ڳنڍيون ڇُڙن ٿيون، تڏهن نام جو دان ملي ٿو. تڏهن نام جي ڳنڍِ ٻَڌجي ٿِي. اَهڙِي آسيس شل ٿئي مون تي ۽ اوهان تي تہ شل اَسان جون ڳنڍيون ڇُڙن. جو اَسان جي جيون نام جي گرنٿ ۾ ٻَڌجي ۽ گرنٿ صاحب ۾ نواس ڪري. هينئر ڇپن سان گرو گرنٿ صاحب پڙهون ٿا، پر جيون ۾ ڪٿي؟ شل اَسان تي آسيس ٿئي!

تنهنڪري پيارا! تون شڪ نہ آڻ. شڪي سياوَ چڏ. شري ڪرشن چوي ٿو: جو گمان رکي ٿو، اُهو وچي ٿو پنهنجي آتمڪ شڪتيءِ گهٽ ڪندو. گروجن چون ٿا: جي تو اِهي بہ وڪار نہ ڪڍيا تہ ڇا ٿيو؟ جي تو تيرٿ آستان تي وڃِي سرير ڌنو تہ ڇا ٿيو؟

پوءِ گروجن ٿا چون؟

سوچ ڪرءِ دِنسُ ارُ راتِ

من ڪي مَئل نہ تَن تي جاتِ (٣-٣-٢)

دِنس معنيٰ ڏينهن. ڏينهن ۽ رات تون پيو صفائيءِ ڪرين. مون ڏٺا آهن ڪيترا ماڻهو. اَڌ ڪلاڪ، ڪلاڪ ڪانپوءِ وريِ وريِ پيا هٿ مَلين. اَڙي، هٿ ڇو ٿو مَلين؟ چوي تہ مان صفائيءِ ٿو ڪريان. بيشڪ، صفائيءِ سٺي، پر صفائيءِ ڪپي اَندر جيِ. گروجن چون ٿا: جي تو سرير جي صفائيءِ ڪئيِ، پر من جو مئل نہ ڪڍيئہ تہ ڇا ٿيو؟ هيِ من جو مئل ڪو سرير مان ويندو ڇا؟ تون سرير کي ڪيترو بہ صاف ڪرين، جي تو پنهنجي من جو مئل ڪين ڪڍيو تہ توکي ڇا مليو؟

هڪ وقت هو، جڏهن مان ٿي وقت سنان ڪندو هوس. اَڙي پر ڇا ٿيو، جي منهنجي من جو مئل نہ ويو؟ من جو مئل ويندو، من کي صاف ڪرڻ سان. سرير جي صفائيءَ سان من جو مئل نٿو وڃي. هيِ من جو مئل سرير ۾ ڪونهي.

اِس ديهيِ ڪَئہ بَهہ ساڌنا ڪريءِ

مَن تي ڪبهوُ نہ بکيا ٽريءِ (٣-٣-٣)

بکيا معنيٰ ڪامنائون، اِڇائون، ترشنائون، بُرا خيال. هن

گروجن چون ٿا: پيارا! ڇا ٿيو، جي تنهنجا پران ڇٽن
کنهن تيرٿ آستان تي؟ اڙي، ڇا ٿيو، جي تو پنهنجي من مان
ايمان نہ ڪڍيو. جي سرير جو موت ڪاشيءَ ۾ ٿئي يا برندابن ۾
ٿئي تہ ڇا ٿيو؟ گرب گمان جي من مان نہ ويو. گرب معنيٰ ايمان.
مان وڏو، مان مانوَر. اِهو ايمان پيارا! جي تنهنجي اندر آهي تہ ڇا
ٿيو، جي تنهنجو مرتيو تيرٿن تي ٿيو.

ٻہ وڏا وڪار آهن:- (١) ايمان، (٢) گمان. گمان ڇا آهي؟
شڪ. ڪن ڪن ڀائرن جي پرڪرتي آهي، شڪ پيا آڻين. شري
ڪرشن چوي ٿو:- اَرجن پيارا! متان شڪي ٿين! شڪ ڇا آهي؟ من
جي چنچلتا جي نشاني. پر ڪي آهن، جن جي من جو معدو
چنچل آهي،- من چنچل. پوءِ سڀ ۾ شڪ پيا آڻين. اَڪثر اَهڙا
اِنسان، تن جي حالت ڪهڙي؟ اِڪثر اَهڙا اِنسان چون: دنيا ۾
چڱائي آهي ڪانہ.

پيارا! دنيا ۾ چڱائي بہ اَٿيئي. جي سو گٽي ٻل نہ هجي، دنيا
جي اَندر ستپرڪ نہ هجن، ڪي سنت نہ هجن تہ دنيا سميٽجي
وڃي. پيارا! اِها ڳالهہ نيڪ آهي تہ ڪيترا من جي وڪارن ۾ قاتل
آهن. ڌرم جي نالي ۾ لباس آهي، ننگي آهي. ڌرم جي نالي تي ۾
پاپ گناهہ ڪيترا ٿين ٿا، پر تنهن جو مطلب اِهو ڪين آهي تہ
ڌرمشٽ ماڻهو آهن ئي ڪين. آهن ڪي ڀڳت ڀڳوان جا، آهن
ڪي سنت سچا. اُهي، منهنجا پيارا! آهن، پريو آهي. جي پريو
آهي تہ پريوءَ جو چمڪو ڪنهن نہ ڪنهن ڀڳت، ستپرڪ ۾ اَچي
جاڳي ٿو.

پاڻي، ورِي ورِي پاڻِي. پت صاف ڪئن ٿئي، پاڻ گپ ٿئي. پيارا! گروجن چون ٿا: ڇا ٿيو، جي تو سرير کي ڌوتو. اَڙي، تو پاڻ گپ ڪري ڇڏِي. من تہ صاف ڪيئہ ڪين.گروجن

گروجن سمجھائين ٿا پنھنجي من کي. نماڻا آھن سنت. گروجن پنھنجي من کي چون ٿا: گروجن جو من تہ نرمل آھي. گروجن چون ٿا: ھي منھنجا من! ھِي ايمانِي من! ھي اَپوتر من!

مَن، ھَر ڪي نامَ ڪِي مھما اوُچ (۳-۳-۵)

نام جِي مھما اوُچ اَتيئي، وڏِي مھما. گروجن چون ٿا: اھا مھما مان اَکرن ۾ ڪئن ڪريان؟ رام نام جِي مھما وڏِي اَتيئي.

نانڪ نام اُڌري پَتت بَھُہ موُچ. (۳-۳-۵)

گروجن چون ٿا: ”نانڪ نام اُڌري“: گرو نانڪ ديو جن جِي تصوير! گرو اَرجن ديو جن چون ٿا: ”نام اُڌري“: نام ئي آڌار آھي. پَتت بھہ موُچ“: پتت معنيٰ پاپِي. پاپيءَ جو اُڌار آھي نام. موُچ معنيٰ نيچ. بھہ معنيٰ گھڻو. گھڻو نيچ جيڪو آھي، اُن جو اُڌار آھي نام. پاپِي گنھگار، اُن جو اُڌار آھي نام. ھي مورکہ من! تون اَندر اَيمان رکين ٿو. دلگير نہ ٿيءُ. تون بہ لنگھي پوندين پار! نام جِي اوٽ وٺ. نيچن ۾ نيچ، جن پڪڙيو نام: سي بہ ترِي پيا پار!

ديهيءَ واسطي تو ڪيتريون ساڌنائون ڪيون. مون ڏنا آهن ڪيترا ماڻهو، جي وڻ ۾ پاڻ کي ٽنگين. مٿو هيٺ، ٽنگون مٿي. اهڙيون تپشائون بہ ڪيترن ڪيون آهن. اَڙي، پر ڇا ٿيو؟ اَڙي، اِهي سرير جا ڪشٽ تہ اُنهن سَٺا، پر من جون ترشنائون اُنهن ماريون ڪين تہ ڇا مليو، آ! ڇا مليو؟

هڪ اَهڙو ساڌو درياه جي ڪناري تي هڪ وڻ ۾ پاڻ کي ٽنگي ڇڏيائين. حشام ماڻهو اَچِي هن کي ڏسن ٿا. ڪين عجب لڳو تہ هيڏي تپشيا ڪئن ٿو ڪري. سرير جي تپشيا تہ هن ڪئي، پر هن ساڌوءَ من جي ترشنا ڪين ماري. هن ساڌوءَ جا بُرا خيال. ماڻهن جي ميڙ ۾ ڏسي ٿو هڪ اِستري. پڳتي وان اِستري اِن ساڌوءَ ڏي نهاري ٿي ۽ هن ساڌوءَ جي اَندر اَچِي ڪامنا اُٿي ٿي. پوءِ ڇا ٿو ڪري؟ اِهو ساڌو هن اِستريءَ کي پڄائي وڃي ٿو. هن ساڌوءَ تپشيائون تہ ڪيون، پر پنهنجي من جون ترشنائون تہ ڪين ماريائين.

جَل ڌوويءَ بَهُہ ديهہ اَنيت (۳-۳-۴)

پيارا! ڪيتروئي تون پاڻ کي ڌوئين جل سان. هيِ سرير فانيِ اُن کي تون پاڻيءَ سان گهڻو ئي پيو ڌوئين. سرير اَنتيہ. گروجن چون ٿا پيارا ياءَ! اُن سرير کي تو پاڻيءَ سان ڌوتو، پر ڇا ٿيو؟

سُڌ ڪَها هوءِ ڪاچِي ڀيت (۳-۳-۴)

ڪاچِي معنيٰ ڪچِي. سُڌ معنيٰ شڌ. ڪچِي مٽيءَ جي ڀيت پاڻيءَ سان ڪڏهن صاف ٿيندي. ڪچيءَ مٽيءَ ۾ پوي

سوُچنا

پياري پاٺڪو،

اَڄڪلهه پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ ۽ ٻيا خرچ ڪافي قدر وڌيل آهن. اِن ڪري ڪو ٻه ٽي يا پيڻ هن شيءِ ڪاري ۾، ڊونيشن جي روُپ ۾، خوشيءَ سان پئسا موڪليندو تہ سويڪار ڪيا ويندا، پر اِن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ٻنڌڻ ڪين آهي.

جنهن بہ گهر ۾ سنتن جي ٻاڻي پڙهجي ٿي، اُن گهر تي پريوءَ جي آسيس چمڪي ٿي ۽ واهگرو برڪت جا ڀنڊار ڀرپوُر ڪري ٿو. شل توهان تي ۽ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ تي ۽ توهان جي ڪمن ڪارين تي دادل شاه جي آسيس چمڪي، چمڪندي رهي!

جيڪڏهن توهان جو چندو پورو ٿي چڪو هجي تہ ڪرپا ڪري نئون چندو موڪليندا.

مَنري آرڊر يا ڊرافٽ هيٺين اَيڊريس تي موڪليندا:

Sant Mala, Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Path, Pune 411 001. (India)

چندي جا نوان اَگهہ هيٺ ڏنل آهن:

For India
Yearly Subscription Rs. 30/-
For Four Years Rs. 100/-
Life Membership Rs. 1000/-

For Foreign: (By Air)
Yearly Subscription $10 USD
Life Membership $ 200 USD

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1.

اَرجن کي چوي ٿو شريِ ڪرشن:- هي اَرجن اَچ تون.
وٽ شرڻ منهنجيِ. لنگهي پوندين پار! ڪري تون وڏن پاپين
۾ هجين پاپاچار، ڪِريلن ۾ ڪِريل، هجين تون گنهگارن ۾
گنهگار هجين، نام تنهنجو ڪندو اُڌار. نام کي پڪڙ ته تون
پرم منزل پائين!

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسوانيءَ جا پستڪ

١.	شري جپ صاحب اُپديش (ٽي ڀاڱا:٨٥٨ پيج)	١٠٠ رپيا
٢.	نوُريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)	٤٠ رپيا
٣.	شري سکمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد)	٣٠ رپيا
٤.	شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد)	٢٥ رپيا
٥.	شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان	٢٥ رپيا
٦.	نوُرِي ٻاٽي (پڪي جلد سان)	٣٠ رپيا
٧.	دادا واسواڻِي: سندس شبدن ۾	٨٠ رپيا
٨.	ڀارت جي نوُنرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو	١٠ رپيا
٩.	موت: اننت جو دئار	١٠ رپيا
١٠.	ٻگڙي ٻناني والا	١٠ رپيا
١١.	حاضران حضور	١٠ رپيا
١٢.	مکڙيون	١٥ رپيا
١٣.	فقير فرانسز	١٠ رپيا
١٤.	ڦرن فقير ويچارا، صورت لئه سوين سکن ٿا	١٥ رپيا
١٥.	ميران مستاڻِي	١٠ رپيا
١٦.	نوُريءَ سان گفتگو	١٥ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻِي لکپڙه لئه لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).

February - 2011